SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ آرڊيننس نمبر XLI مجريه 2002

SINDH ORDINANCE NO.XLI OF 2002

سنڌ سرڪاري زمين (الاٽمينٽس، منتقليون ۽ مٽا سٽا رد) (ترميم) آرڊيننس، 2002

THE SINDH GOVERNMENT LAND (CANCELLATION OF ALLOTMENTS, CONVERSIONS AND EXCHANGES) (AMENDMENT) ORDINANCE, 2002

فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. 2001 جي آرڊيننس III جي دفعه 2 جي ترميم
Amendment of Section 2 of Sindh Ordinance III of 2001

3. 2001 جي آرڊيننس III جي دفعه 3 جي ترميم
Amendment of Section 3 of Sindh Ordinance III of 2001

سنڌ آرڊيننس نمبر XLI مجريہ 2002
SINDH ORDINANCE NO.XLI OF 2002

سنڌ سرڪاري زمين (الاٽمينٽس، منتقليون ۽ مٽا سٽا رد) (ترميم) آرڊيننس، 2002
THE SINDH GOVERNMENT LAND (CANCELLATION OF ALLOTMENTS, CONVERSIONS AND EXCHANGES) (AMENDMENT) ORDINANCE, 2002

[26 آڪٽوبر 2002]

آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ سرڪاري زمين (الاٽمينٽس، منتقليون ۽ مٽا سٽا رد) آرڊيننس، 2001 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ سنڌ سرڪاري زمين (الاٽمينٽس، منتقليون ۽ مٽا سٽا رد) آرڊيننس، 2001 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

۽ جيئن تہ صوبائي اسيمبلي 14 آڪٽوبر 1999 واري اعلان تحت ۽ پرووِيزنل ڪانسٽيٽيوشن آرڊر نمبر. 1 موجب معطل آهي؛

۽ جيئن تہ سنڌ جو گورنر مطمئن آهي تہ موجوده صورتحال ۾ تڪڙو قدم کڻڻ ضروري آهي؛

هاڻي تنهن ڪري، مٿي ڄاڻايل اعلان ۽ پرووِيزنل ڪانسٽيٽيوشن آرڊر سان گڏ پڙهو 1999 جو پرووِيزنل ڪانسٽيٽيوشن (ترميم) آرڊر نمبر. 9، ۽ ان سلسلي ۾ مليل سمورن اختيارن کي استعمال ۾ آڻيندي، سنڌ جي گورنر

خوشيءَ سان هيٺيون آرڊيننس جوڙيو نافذ ڪرڻ فرمايو آهي:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ سرڪاري زمين (الاٽمينٽس، منتقليون ۽ متا ستا رد) آرڊيننس، 2002 سڏيو ويندو.

(2)هي فوري طور لاڳو ٿيندو ۽ هميشہ ايئن 3 جنوري 2001 کان لاڳو سمجهيو ويندو.

2001 جي آرڊيننس III جي دفعہ 2 جي ترميم
Amendment of Section 2 of Sindh Ordinance III of 2001

2. سنڌ سرڪاري زمين (الاٽمينٽس، منتقليون ۽ متا ستا رد) آرڊيننس، 2001 ۾، جنهن کي هن ڪانپوءِ ۾ ڇاڻايل آرڊيننس سڏيو ويندو، ان جي دفعہ 2 ۾، شق (V) کانپوءِ هيٺين نئين شق شامل ڪئي ويندي:

"(v_a) "سرڪاري زمين" جنهن ۾ شامل آهي سرڪار يا هڪ خودمختيار باڊي سميت قانون تحت قائم ڪيل هڪ ڊولپمينٽ اٿارٽي ۾ ايندڙ زمين.".

2001 جي آرڊيننس III جي دفعہ 3 جي ترميم
Amendment of Section 3 of Sindh Ordinance III of 2001

3. ڇاڻايل آرڊيننس جي دفعہ 3 ۾، لفظ "۽" ۽ لفظ "پيڪڙي" وچ ۾ لفظ "يا" کي شامل ڪيو ويندو.

نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي